# شاهه عبداللطيف ڀٽائي

## فن، فڪر ۽ شخصيت

### جديد مطالعو ١

ادا قاضي



سورهه ميرائي

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي

## فن، فڪر ۽ شخصيت
## جديد مطالعو

## ادا قاضي

نئون نياپو اڪيڊمي
۲۴ ـ ۴ ماڙ، رحمان ڪورٽ،
تبت سينٽر ڪراسنگ،
ايم. اي. جناح روڊ ڪراچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه عبداللطيف ڀٽائي

فن، فڪر ۽ شخصيت

جديد مطالعو

ادا قاضي

ڇاپو پهريون: ڊسمبر 2000ع

پرنٽر: ڊيسنٽ پرنٽنگ پريس پاڪستاني چوڪ، ڪراچي
ڪمپوزنگ: زينت ڪمپوزرس 4/24، رحمان ڪورٽ،
ايم. اي. جناح روڊ ڪراچي.

قيمت: 30 رپيا

هول سيل ايجنٽ

نئون نياپو ڪتاب گهر
لڳ گهنٽي ڦاٽڪ
لاڙڪاڻو سنڌ

SHAH ABDUL LATIF BHITAI
Art, Philosophy and Personality
MODERN STUDY
BY: ADA QAZI
EDITION: FIRST: DECEMBER 2000
PUBLISHED BY: *NAON NIAPO ACADEMY*
*KARACHI*

*Rs: 30.00*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

پنهنجي ابي امڙ ڏانهن
جن جي دعائن
ادب جي پنڌ جو
پانڌيئڙو بڻايو

Soorih Mirani

# سٽاءُ


پبلشر جو نوٽ، انعام عباسي -7
مٺيءَ لاءِ ماڻ، ادا قاضي -9

شاهه جو روحاني راز -14
شاهه جي شجاعت -17
شاهه مبلغ جي حيثيت ۾ -23
شاهه عاشق جي روپ ۾ -27
شاهه جي فقيري -30
شاهه جي اهل بيتن سان عقيدت -35
شاهه بٺيو سسئي -40
شاهه جا اکين متعلق ويچار -45
شاهه حق جي ڳولا ۾ -50
شاهه سائيهه جي سڪ ۾ -54
شاهه جو غيب تي ايمان -60



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# پبلشر جو نوٽ

شاهه سائين تي ايچ ٽي سورلي کان بدر ابڙي تائين ۽ ٻين اڻڳڻين عالمن اديبن جا ڪيل ڪَمَ سراسر ساراهڻ جوڳا آهن.

۽ هونءَ به اهو ته بي نقاب سچ آهي ته شاهه جي شاعريءَ ۾ سنڌ محفوظ ۽ تروتازا آهي ۽ رهندي.

۽ شاهه سائينءَ سڄي سنڌ؛ ٿر، بر، ٻَڙ، ٻيٽ، ول، وڻ، پکي پکڻ، سمنڊ، درياهن، واهڙ واهوندن ۽ هر وٿ وکر کي پنهنجي لازوال شاعري ۾ سينگاري امر ڪري ڇڏيو آهي.

صدين پڄاڻان به اسان سڀ، سنڌي هڪ هڪ سٽ کي کوليون ٿا ۽ وڌيڪ جي تڙپ ۾ رهون ٿا.

هي ڪتاب ان چاهه، ٻهڄ ۽ پاپوهه جو تسلسل ئي آهي، پر باوجود ان جي شاهه سائين تي وڌيڪ ڪم جي شديد ضرورت آهي.

۽ اسان جي هيءَ شروعات به ان ۾ ڳڻڊي وڃي.

هي ننڍڙو ڪتاب دل جي حضور سان شاهه سائين جي چاهيندڙن جي هٿن ۾ رکندي اها ساڃهه پرائي گهر ته پيار منجهان پڙهي ۽ پنهنجائپ مان صلاحون ڏيندا ته جيئن اسان سَوَ سک پاتا.

انعام عباسي
چيئرمين
نئون نياپو اڪيڊمي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي بجاءِ شاهه سائينءَ اهو عرض حضورﷺ پر نور جي خدمت اقدس ۾ پيش ڪيو. جنهن يدالله جي آگر جهلي، جنهن خاتون ڪي چيچ ڪان پڪڙيو جنهن حسنين جون آگريون وٺي ڪين هلڻ سيکاريو.

ظاهر ۾ شاهه سائينءَ جو هٿ ٻيبي صاحبه جي چيچ ۾ هو پر اهو صرف حضورﷺ جي دربار ۾ پيش ڪرڻ لاءِ هڪ مريض جي وڪيل طور هو جنهن ڪري چيائون:

"جنهن جي چيچ سيد جي هٿ تنهن ڪي لهر نه ڪو لوڏو"

آخر ۾ شاهه سائينءَ جو دعا ڀريو بيت.

تون حبيب تون طبيب، تون درد جي دوا،<br>
جانب منهنجي جيءَ ۾ آزار جا انواع،<br>
صاحب ڏي شفا، ميان مريضن کي، "يمن ڪلياڻ"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ياري تون نيائڻ ۾ ڪوتاهي ڪري وڃي ته ان جي عيوض جيڪو توکي ڇيهو رسندو تنهن جو ازالو هت ته ممڪن ئي ڪونهي پر ايندي جي ابدي زندگي ۾ به تو لاءِ ندامت ئي نصيب بڻبي تنهنڪري پنهنجي اصليت ڏانهن نهار ته تنهنجي اصل هستي ڇا آهي.

سر سري راڳ

جر ۾ ڦوٽو جئن، لهريون لڳنديون اڏ ٽٽي،
تون پڻ آهي تئن، دنيا ۾ ڪو ڏينهڙو.

مون پنهنجي ڪين جهڙي مطالعي جي آڌار تي شاهه سائينءَ جي سرن جي روشني ۾ جيترو لکي سگهيو آهيان، اهو اوهان اڳيان پيش ڪيم. پڙهندڙ جي منزل کي رسڻ يا سندس ڏسيل رمزن کي پوري طرح پروڙڻ ڪنهن مهان صاحب عقل جو ڪم ٿي سگهي ٿو پر مون ته رڳو سندن سونهاري رسالي مان چند موتي جيڪي ميڙي سگهيس اهي ئي مون لاءِ وڏي سعادت آهي آخر ۾ آءٌ سندن هي شعر اوهان اڳيان پيش ڪندس.

سُر آسا

تن تسبيح من مڻيو دل دنبورو جن،
تندون جي طلب جون وحدت سر وڄن،
وحده لاشريڪ له، اهو راڳ رڳن،
سي ستائي سونهن، ننڊ عبادت ان جي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توجهه ڪرڻ بجاءِ حق سچ جي راهه وٺي هلندو رهه ته توکي منزل ملي ويندي ۽ انهيءَ عمل ۾ توکي ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي نه ڪرڻ کپي ڇاڪاڻ ته جيڪا پهاڙ جيڏي زندگي توکي نظر ايندڙ آهي، ان جي فنا ٿيڻ جو وقت ضرور مقرر آهي. پر ان بابت توکي ڪابه ڄاڻ ڪونهي اما ڪهڙي ڏينهن ڪهڙي وقت تي ختم ٿيندي.

ڪنڌ مَ ڦيرج ڪيڏهين، وٺيو وڃج راهه،
اڄ ڪِ سنجهه صباح ٿئين ڏرينداءِ ڏوڙ ۾. "مومل راڻو"



ڏيڻ جو جوابدار سڏيو اٿس. ڪٿي سچ تي ڪاوڙي آهي ڪڏهن هوا تي ڏبري آهي.

انهيءَ ايڏي وڏي ڪشالي بعد آخر ۾ سندس ذهن ان حد ڪي رسي ٿو تہ اي موڙهيل سسئي تون دل نہ لاهہ! نااميد نہ ٿيءُ ڇاڪاڻ تہ نااميدي ڪفر هجڻ سان گڏ جستجو واري جذبي کي بہ ماري وجهندي آهي. تنهنڪري توکي اميد جو آسرو ڪنهن بہ قيمت تي نہ ڇڏڻ گهرجي. ۽ تنهنجي سک جي اها تقاضا هئڻ گهرجي تہ هڪ ڏينهن توکي تنهنجو پنهل ضرور ملندو ۽ توکي سک پلئہ پوندا. جيئن اونداهي رات کان پوءِ روشن ڏينهن ٿيڻ جي پڪ هوندي آهي. آسمان تي جيڪڏهن وقتي بادل چڙهي ايندا آهن تہ اهي مستقل ڪونہ هوندا آهن. اهي وڏ ۾ وڏ برسات وسائڻ کان پوءِ پاڻ هرتو لهي ويندا آهن ۽ آسمان هڪ واري وري ستارن سان جرڪي پوندو آهي. هاڻي اٿين سمجهہ تہ تمام جلد تنهنجو پنهون وڏي چاهہ ۽ شوق منجهان اٺن جون قطارون وٺيو بس اجهوڪي اجهو تو وٽ پهچڻ وارو آهي.

ماري! هينئون مَ لوڏ، سکن پوندينءَ سسئي!
ڪوهيارو تو ڪوڏ، اچي ڪرهہ قطاريو. "حسيني"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلنديءَ ظاهر ٿيڻ سان گڏ، سندس ميزبان جي اڄ منجهان سندس عقيدت جي پروڙ پوي ٿي، جڏهن ته هن سائنسي دور ۾ ته ڇا پر ڪنهن به دور ۾ اهو ممڪن ئي نه پئي ٿي سگهيو ته ڪنهن لاءِ رستي مٿان نيڻ وڇايا وڃن يا ڪنهن کي اکين ۾ ويهاري سگهجي، پر محبت ڪرڻ وارن ته ان حد تائين به چئي ڏنو ته تنهنجي سانڍي رکڻ لاءِ منهنجون اکيون ئي مناسب جڳهه آهي. جنهن ۾ توکي ويهارڻ بعد سندس ڇپرن واريون دريون اهڙي طرح بند ڪري ڇڏيان جو توکي زماني جو ٻيو ڪو به نه ڏسي ۽ نه ئي آءُ ڪنهن ٻئي جي صورت ڀسي سگهان. يعني گفتن جي ڇاڻ به رکو اسان ٻنهي تائين محدود رهي. اهڙي چاهت کي محبت جو معراج به چئي سگهجي ٿو ۽ معراج جي معنيٰ آهي تمام وڏي بلندي هائي جيڪي پيار جي ايڏي وڏي منزل کي حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙيندڙ هوندا، اهي ئي اهڙا لفظ اچاري سگهن ٿا ته

اکين ۾ تي ويهه، ته آئون واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نه ڏيهه، آءُ نه پسان ڪي ٻيو. "آسا"



رڳ رڳ رباب بڻجي واحد جي وحدانيت جي ورد ۾ وڄندي رهي ٿي.

اي مالڪ تون اڪيلو آهين تنهنجو ڪوبہ شريڪ ڪونهي تون ئي پوري ڪائنات جو خليقيندڙ آهين. هر شيء فنا ٿيندي، صرف توکي بقا آهي. يعني باقي تنهنجي ذات رهندي اهڙي قسم جو ورد جن وجود جو حصو بڻائي ڇڏيو. اهي هلندي ڦرندي، سمهندي بہ مالڪ کان غافل نہ آهن. سندن هر عمل عبادت ۾ شمار آهي.

تـن تـسـبـيـح مـن مـڻـيـو، دل دنـبـورو جن،
تـنـدون جي طـلـب جون، وحـدت سـر وڄن،
وحـده لا شـريـڪ لــه، اهــو راڳ رڳن،
سـي سـتـائـي جاڳن، تـنـہ عـبـادت ان جي. "آسـا"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونجهاري جي واڌ ان حد کي پهتي آهي. جو اندر منجهان اهو پيو آواز اچيم ته هاٿي دلبر جي ميلاپ واسطي توکي نه ته روئڻ گهرجي نه رڙيون ڪرڻ کپن نه ئي لڙڪن هارڻ جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته تنهنجي بنديخاني وارا ڏينهن به هاٿي پورا ٿي چڪا آهن. تنهنڪري توکي جيڪي قيد ۾ رکڻ جون زنجيرون لڳل آهن، انهن کي هاٿي باهه ۾ وجهي ساڙي ڇڏ. ڇاڪاڻ ته تون هاٿي تمام جلد پنهنجي پرينءَ کي وڃي پهچندين.

مَ ڪي روءِ، مَ رڙ ڪي، هنجون هڏ مَ هار،
تو تان بند بدا ٿيو، پيڙيون نيئي پار،
پهچندينءَ پنوهار، سگهي سنگهارن ڪي. "مارئي"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهہ سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu